سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# قرض موٽائڻ

21 مئی 2026



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **قرض موٽائڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **قرض ادا ڪرڻ جي دُعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم!

## قرض موٽائڻ

### دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ بخشش آهي. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ عمل نمبر 25

قرض موٽائڻ اميرِ اهلِسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه معاشري کي گناهن ۽ برائين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ نيڪ عملن جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن، اڄ اسان 72 نيڪ عملن جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 41 جي باري ۾ سکنداسين.

**نيڪ عمل نمبر** 41: ڇا اڄ اوهان قرض هجڻ جي صورت ۾ (ادائيگيءَ جي قدرت

---

1... تاريخ مدينة دمشق،جلد:61،صفحہ:381۔

هجڻ جي باوجود) قرض خواهه جي اجازت کانسواءِ قرض ادا ڪرڻ ۾ دير ته نه ڪئي؟ پڻ ڪنهن کان عاريتاً (يعني عارضي طور تي) ورتل شيءِ ضرورت پوري ٿيڻ تي طئي ٿيل وقت جي اندر واپس ڪري ڇڏي؟

## قرض موٽائڻ ۾ دير ڪنهن کي چئبو آهي

قدرت هجڻ جي باوجود مقرر ٿيل وقت تي قرض واپس ڪرڻ ۾ ٽال مٽول ڪرڻ، قرض موٽائڻ ۾ دير ڪرڻ آهي.

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِی اؤْتُمِنَ
اَمَانَتَهٗ وَ لْیَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن توهان کي هڪٻئي تي اطمينان هجي ته اهو (قرضدار) جنهن کي امانتدار سمجهيو ويو هو، اهو پنهنجي امانت ادا ڪري ۽ الله کان ڊڄي جيڪو سندس رب آهي . (پاره:3،البقرة :283)

هتي امانت مان مراد قرض آهي.[1] آيتِ سڀوريءَ جو مطلب هي آهي ته مقروض کي گهرجي ته قرض جي ادائگي ۾ ڪنهن به قسم جي ٽال مٽول نه ڪري، الله پاڪ کان ڊڄندي قرض ادا ڪري.[2]

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

۞ جيڪو قدرت هجڻ جي باوجود قرض (جي ادائيگي) ۾ ٽال مٽول ڪري، (ته جيترا ڏينهن هو قرض ادا نٿو ڪري) الله پاڪ هر ڏينهن ۽ رات ان لاءِ گناهه لکندو آهي.[3] ۞ عاريتاً (يعني عارضي طور تي) ورتل شيءِ موٽائي وجي، عاريت (يعني

1 جلالين مع حاشيه صاوی، پاره :3،سورۂ بقره، زير آيت :283،جلد:1،صفحه:209
2 تفسير قرطبی، پاره :3،سورۂ بقره، زير آيت :283،جلد:2،صفحه:894،ملتقطًا۔
3 شعب الايمان، باب فی ان يحب المسلم لاخيه ...الخ، جلد:7،صفحه:530،حديث:11232۔

عارضي طور تي ورتل) جانور واپس ڪيو وڃي.[1]

## قرض موٽائڻ جي مُتعلق احڪام

(1) قرض موٽائڻ فرض[2] ۽ قدرت (طاقت) هجڻ جي باوجود قرض موٽائڻ ۾ ٽال مٽول ڪرڻ[3] يا دٻائي رکڻ، بلڪل ئي ادا نہ ڪرڻ، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[4] (2) قرض جي ادائيگي لاءِ ڪمائڻ فرض آهي[5] (3) جنهن کان قرض ورتو ويو، جيڪڏهن اهو زنده آهي تہ ڪيس ئي قرض موٽائڻو پوندو ۽ جيڪڏهن هو وفات ڪري چڪو آهي، تہ ان جي وارثن کي ڏيڻو پوندو، جيڪڏهن وارث نہ ملن تہ ڪين ڳوليو، ڳولڻ جو حڪم ان وقت تائين آهي جيستائين ملڻ جي اميد هجي، جيڪڏهن نہ ملي سگهن تہ محتاج مسلمانن کي ان جي طرفان صدقو ڪرڻو پوندو.[6](4) جيڪڏهن قرض جي ادائيگي کان عاجز (بيوس) هجي تہ دير ڪرڻ جائز آهي.[7] عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ جڏهن حالتن جي ڪري قرض جي ادائيگي ۾ دير ٿي رهي هجي تہ ماڻهو قرض ڏيندڙ کان منهن لڪائڻ لڳندا آهن، هي انداز درست ناهي، جيڪڏهن توهان قرض ادا نہ ٿا ڪري سگهو تہ قرض ڏيندڙ سان ملو ۽ ان کان وڌيڪ مهلت وٺي ڇڏيو! هن طرح قرض ۾ دير جي گناهہ کان بہ بچي ويندؤ ۽ معاشري ۾ رسوائي بہ نہ ٿيندي. (5) عاريت (يعني عارضي طور) ورتل شيءِ جهڙي ورتي هئي، اهڙي ئي موٽائڻ واجب آهي.[8]

## قرض نہ موٽائڻ جا نقصان

۞ قرض نہ موٽائڻ سان محبتون گهٽجي وينديون آهن ۽ دلين ۾ دوريون پيدا ٿينديون آهن ۞ احاديث سڳورين جي مطابق * قرض موٽائڻ ۾ ٽال مٽول ڪرڻ

---

1 سنن ابن ماجہ ،ابواب الصدقات ،باب العارية،صفحہ:384حديث :2398۔
2 الحديقة الندية،جلد؛1،صفحہ:455 ۔
3 مرقاه المفاتيح ،كتاب البيوع ،باب الافلاس والانتظار ،جلد:6،صفحہ:107،تحت الحديث :2907۔
4 فتاوی مفتی اعظم :5،صفحہ:88۔
5 الحديقة الندية،جلد؛1،صفحہ:455 ۔
6 فتاویٰ مصطفویہ،صفحہ:428-429،ملخصاً ۔
7 مرقاة المفاتيح ،كتاب البيوع ،باب الافلاس والانتظار ،جلد:6،صفحہ:107،تحت الحديث :2907۔
8 درر الحكام شرح مجلة الاحكام، جلد3، صفحہ82، دار الجيل ۔

وارو ظالم آهي[1] ۞ جيڪو قدرت هجڻ جي باوجود اوڌر نہ موٽائي، ان جي عمل نامي ۾ تيسيتائين گناهہ لکيا ويندا آهن، جيستائين هو قرض ادا نہ ڪري ڇڏي.[2] ۞ قرض موٽائڻ ۾ ٽال مٽول ڪرڻ شيطاني ڪم آهي[3] ۞ الله پاڪ جي راهہ ۾ شهيد ٿيندڙ جو هر گناهہ معاف ڪيو ويندو، سواءِ قرض جي.[4] ۞ جيڪو قرض ادا ڪرڻ ڪانسواءِ فوت ٿي وڃي، ان جي باري ۾ فرمايو ويو: مؤمن جي جان قرض جي ڪري معلق رهندي آهي(يعني جنت ۾ وڃڻ کان روڪي ويندي آهي يا بلند درجات کان روڪي ويندي آهي) ايستائين جو ان جو قرض ادا ڪيو وڃي[5]۞ جيڪڏهن ڪو شخص قرض ادا ڪرڻ ڪانسواءِ وفات ڪري ويو تہ قيامت جي ڏينهن ان جون نيڪيون قرض خواهن کي ڏنيون ويندين، ٽن پيسن جي قرض جي بدلي ۾ ست سؤ (700) باجماعت نمازون ڏيٽيون پونديون. جڏهن قرض ڏيڻيندڙ وٽ نيڪيون نہ رهنديون تہ قرض خواهن جا گناهہ مقروض جي مٿي تي رکيا ويندا ۽ ڪيس باهہ ۾ اڇلايو ويندو.[6]

## قرض نہ موٽائڻ جي گناہ کان بچڻ جا ڪجھ طريقا

۞ قناعت اختيار ڪريو! يعني پهرين تہ اها ڪوشش ڪريو تہ ڪنهن کان ڪا شيءِ وٺڻي ئي نہ پوي، الله پاڪ جيتري عطا فرمائي آهي، ان ۾ گذارو ڪرڻ جي عادت ٺاهيو ۽ اوڌر صرف ۽ صرف ان صورت ۾ وٺو جڏهن ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هجي ۞ جيڪڏهن اڌار کڻڻ ئي پوي تہ ان کي جلد کان جلد لاهڻ جي ڪوشش ڪيو! ڇو تہ قرض هڪ بار آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو سماج ۾ بہ رسوا ٿي سگهي ٿو ۽ جنت ۾ وڃڻ کان بہ روڪيو ويندو آهي. ۞ جڏهن قرض کڻو تہ ان کي واپس موٽائڻ جي پڪي نيت بہ لازمي ڪري وٺو! حديث پاڪ ۾ آهي: قرض کڻڻ وقت جنهن جي نيت قرض ادا ڪرڻ جي هجي تہ قرض جي ادائيگي جي

---

1 بخاری ،کتاب فی الاستقراض واداء الدیون ...الخ،باب مطل الغنی الظلم ،صفحہ:618،حدیث:2400،ملخصًا۔
2 شعب الایمان ،باب فی ان یحب المسلم لاخیہ ...الخ ،جلد:7،صفحہ:530،حدیث:11232۔
3 الجامع الصغير ،صفحہ:204،حديث :3405۔
4 مسلم ، کتاب الامارۃ،باب من قتل فی سبیل اللہ...الخ، صفحہ:754،حدیث،1886،ملخصًا۔
5 ترمذي، کتاب الجنائز ، باب ماجاء عن النبی انہ قال ... الخ، صفحہ:280حدیث: 1079۔
6 فتاوی رضویہ ،جلد:25،صفحہ: 69۔

سلسلي ۾ الله پاڪ ان جي مدد فرمائيندو.

۞ مال جي محبت دل مان ڪيي ڇڏيو! ڇاڪاڻ تہ هيءَ بري محبت ڪيترن ئي گناهن جي پاڙ آهي! ۞ پنهنجي آمدني ۽ خرچ جي نظام کي بهتر بڻايو! جيڪڏهن قرض ذمي آهي تہ ان کي لاهڻ لاءِ جدول ٺاهيو! ان جي مطابق ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم ڪڍو! ۽ جلد کان جلد قرض لاهڻ جو رستو بڻايو ۞ قرض جي ادائيگي لاءِ اوراد ۽ وظائف پڙهو! ان لاءِ درود پاڪ جي ڪثرت تمام مفيد آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 41 جي مطابق سنت جي قرض لاهڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي،

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# سڪڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## قرض ادا ڪرڻ جي دعا

اَللّٰهُمَّ اكۡفِنِيۡ بِحَلَالِكَ عَنۡ حَرَامِكَ وَاَغۡنِنِيۡ بِفَضۡلِكَ عَمَّنۡ سِوَاكَ

**ترجمو:** اي الله پاڪ! مون کي حلال رزق عطا فرمائي حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل و ڪرم سان پاڻ کان سواءِ غيرن کان بي نياز ڪر.[1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَةُالۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي

1 مستدرک،کتاب الدعاء...الخ،باب دعاء قضاء الدين،جلد:2،صفحہ:230،حديث:2016،مدنی پنج سورة،صفحہ:207۔

ورتي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوۡرَۃُالۡاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اڪين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر جي لاءِ جاڳايو؟ (22): ڀين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟(26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ڪاڏو ڪاڏو؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰۃُاللّيل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ڀين کان گهري ڪري شيون استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجھ نہ ڪجھ وقت”مدني چينل“ ڏنو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41): وقت

تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49): اسراف کان بچيؤ؟ (50): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (51): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (52): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (53): فضول ڳالهين کان بچيا؟ (54): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (55): عمامو شريف ٻَڌو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏنو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن

ٻہ ڏينھن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علائقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارن پر هاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟